# زوال جا سبب

11-August-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

11 آگسٽ، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# زوال جا سبب

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

- قومن تي زَوَال ڇو ايندو آهي...؟
- ٻمن وارا سيلاب ۾ گرفتار ڇو ٿيا؟
- پاڪستان ڇو ٺاهيو ويو...؟؟
- نيڪي جي دَعوَت ڇڏي ڏيڻ جا نقصان
- ايمان جي حقيقت ڇا آهي؟

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صبح جي وقت اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پُرنُور چهري تي خوشي جا آثار هئا، صحابي سڳورن عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: اللّٰه پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو جيڪو اُمَّتِي اوهان تي هڪ ڀيرو دُرود پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گُنَاهُ مٽائيندس، 10 درجا بلند فرمائيندس ۽ ايتري ئي رحمت موڪليندس.(1)

اُن پر دُرود جن کو کس بے کساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے(2)

**وضاحت:** هو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪو هر بي خبر جي خبر رکندڙ آهن، انهن تي دَرُود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...مُسْنَد اَحْمد، جلد:6، صفحه:625، حديث:16795۔

2...حدائقِ بخشش، صفحه:209۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّية الْحَسَنَة تُدْخِلُ صَاحِبَها الْجَنّة سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويھندس ۞ خوب تَوَجُّھ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ الله الْڪرِيم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هن دُنيا ۾ هزارين قومون آيون، ترقي ۽ عروج جي وڏي اوچائي تائين پهتيون پر وري انهن تي زوال آيو ۽ اهي تَنَزُّلي جي اونهيءَ کڏ ۾ وڃون ڪريون، آخر ترقي کان پوءِ پستي، عروج کان بعد زوال، ڪاميابي کان بعد ناڪامي ڇو ٿيندي آهي؟ قومون ترقي جي بلندين تائين پهچي پستي جو شڪار ڇو ٿينديون آهن؟ اڄ اسان قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ هن جا ڪي سبب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته جيئن هن مان ڪجھ سکي پنهنجي پاڻ کي اهڙن ڪمن کان بچائي سگهون جيڪي زوال جو سبب بڻجي سگهن ٿا، الله پاڪ اسان کي دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ نعمتن تي هميشگي نصيب فرمائي، نعمت جي زوال کان محفوظ فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قومن تي زَوَال ڇو ايندو آهي...؟

سيپاري: 13، سورت رَعد، آيت: 11 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

---

[1] …مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

إِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ (پاره13،سورهٔ رعد:11)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ الله ڪنهن قوم کان پنهنجي نعمت ايستائين ناهي بدليندو جيستائين اهي پاڻ پنهنجي حالت نہ بدلائين.

تفسير صِراطُ الجنان ۾ آهي: هن آيت ۾ قُدرت جو هڪ قانون بيان ڪيو ويو آهي تہ الله پاڪ ان وقت تائين ڪنهن قوم کان پنهنجي عطا ڪيل نعمت واپس ناهي وٺندو، جيستائين اها قوم پاڻ پنهنجي چڱن عملن کي بُرن عملن سان تبديل نہ ڪري ڇڏي.[1]

هن آيت سڳوري مان معلوم ٿيو: الله پاڪ جڏهن ڪنهن قوم کي نعمتن سان نوازيندو آهي، انهن کي دُنيا ۾ ترقي، عروج، عزّت ۽ خوشحالي، امن ۽ سلامتي نصيب فرمائييندو آهي تہ انهن کان هرويرو اهي نعمتون واپس ناهي وٺندو جيستائين اها قوم خُود پنهنجي حالت نہ بدلي، جڏهن قوم بگڙجندي آهي ۞ چڱن عملن جي بدران برا عمل ڪرڻ لڳندي آهي۞ چڱين صِفتن جي بدران بُريون صِفتون اپنائي وٺندي آهي۞ محنت جي بدران سستي جو شڪار ٿيندي آهي ۞ فرض شناسي جي بدران لاپرواهي کان ڪم وٺندي آهي ۞ تقويٰ جي بدران گُناه جي راه اختيار ڪندي آهي ۞ شڪر گذاري جي بدران ناشڪري ڪندي آهي تہ قومن جي عزّت کي ذِلَّت ۾، خوشحالي کي بدحالي ۾، عروج کي پستي ۾، ترقي کي زوال ۾ ۽ ڪاميابي کي ناڪامي ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي.

## قومن جي زَوال جي تاريخ

دُنيا جي تاريخ ڪٽي ڏسو! قُدرت جو اهو اَٽل قانون آهي، هن زمين تي هزارين قومون آيون، انهن کي ترقي، عروج، عزّت، خوشحالي ۽ امن و سلامتي جي نعمتن سان نوازيو ويو، پر جڏهن انهن نعمت جي ناقدري ڪئي تہ انهن

[1] …تفسير صراط الجنان، پاره:13، سورهٔ رعد،تحت الآية:11، جلد:5، صفحه:85۔

کي عبرت جو نشان بڻايو ويو.

**قومِ عاد:** انهن کي طاقت عطا ٿي، مال ۽ دولت سان نوازيو ويو پر جڏهن انهن نافرماني ڪئي، نعمتن جي ناقدري ڪئي تہ رَبِّ قهار جَلَّ جَلَالُهٗ انهن تي آنڌاري جو عذاب موڪليو ۽ هُو نشانِ عبرت بڻجي ويا.[1]

**قومِ ثمود:** تعمير جي فَنّ ۾ ماهر قوم: اللّٰہ پاڪ انهن کي نعمتون عطا ڪيون، طاقت عطا ڪئي، مال ۽ دولت سان نوازيو، دُنيا ۾ عزّت عنايت فرمائي پر اهي سرڪش ٿيا، ناشڪري ڪيائون، قُدرت شديد زلزلي سان انهن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو.[2]

**شدَّاد، نمرود، فِرعَون:** انهن کي تاج ۽ تخت عطا ٿيا، حڪومت ۽ سلطنت عطا ڪئي وئي پر انهن بدبختن نعمت جي قدر نہ ڪئي، پانها هئا، پانها بڻجي نہ رهيا، خُدائي جي دعوائون ڪيائون، پوءِ رَبِّ قهار جَلَّ جَلَالُهٗ جو غضب انهن تي نازِل ٿيو ۽ اهي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا.

**بني اسرائيل:** انهن کي فرعون کان آزادي عطا ڪئي وئي، ملڪ مِصر جي حڪومت عطا ڪئي وئي پر انهن ناقدري ڪئي، ناشڪري ڪيائون، اللّٰہ پاڪ انهن تي ذِلّت کي مُسَلَّط فرمايو.

مطلب: جيستائين قوم پنهنجي حالت نہ بدلي، اللّٰہ پاڪ ڪين نعمتن کان محروم ناهي فرمائيندو، جڏهن قوم پنهنجي حالت نہ بدلي، چڱائي جي بدران بُرائي اپنائي، شڪر جي بدران ناشڪري ڪري، فرمانبرداري جي بدران نافرماني ڪري تہ اللّٰہ پاڪ جي قهر جو چهبڪ هنيو ويندو آهي، پوءِ انهن کي ڪا بہ مهلت ناهي ڏني ويندي، انهن کي عبرت جو نشان بڻايو ويندو آهي.

## ترقي ۽ عروج وِراثتي نعمت نہ آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن آيت سڳوري مان هي بہ معلوم ٿيو تہ عروج ۽ ترقي

---

1 ...سيرت الانبياء، صفحہ:223 خلاصةً۔

2 ...تفسير صراط الجنان، جلد:3، صفحہ:359خلاصةً۔

ڪا وراثتي شيء نہ آهي، ايئن ناهي ٿيندو تہ ڦُلاڻي قوم هميشہ ترقي ئي ڪندي ۽ ڦُلاڻي قوم هميشہ پستي ئي ۾ رهندي، نہ...!! هيئن هرگز ناهي، ترقي، عروج، ڪاميابي، عزّت، شان ۽ شوڪت، ان سڀني نعمتن جو تعلق نسب، نالو، پيسي ۽ رنگ رُوپ سان نہ آهي بلڪ ترقي ۽ عروج جو تعلق اعليٰ ڪردار سان آهي. مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قومون وڏيون هجن يا ننڍيون، ايستائين جو نبي (عَلَيْهِ السَّلَام) جا هم وطن، هم نسب بلڪ انبياء(عَلَيْهِم السَّلَام) جا قُرابت دار، ايستائين جو نبين سڳورن (عَلَيْهِم السَّلَام) جو اولاد، جيڪو بہ الله پاڪ جي نعمت جي ناقدري، ناشڪري ڪندو، ان ڪان نعمت ڪسجي ويندي آهي.[(1)]

## مڪي جا ڪافر ميدانِ بَدر ۾ ذليل ڇو ٿيا...؟

ڏسو! مڪي وارا گهڻا حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اَولاد مان هئا، الله پاڪ انهن کي نعمتن سان نوازيو، انهن کي ڪعبہ شريف جي خدمت جو موقعو بخشيو ويو، مڪو شريف جتي ڪو ميوو، ڪا سبزي، ڪو اناج ناهي ٿيندو، ان شهر ۾ انهن کي هر قسم جا ميوا ۽ اناج عنايت ڪيا ويا، انهن جي لاءِ واپار جي راهہ آسان ڪئي وئي، دُنيا جي وڏن وڏن ملڪن ۾ مڪي وارن کي قَدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو پر انهن نعمت جي ناقَدري ڪئي، دُنيا جو سڀ کان وڏو تَوحِيد جو نشان يعني ڪعبو شريف، ان کي مقامِ شِرڪ بڻايو، الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي نہ مڃيائون، الله پاڪ جي آيتن کان پاسو ڪيو، اَهلِ حق (يعني صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضوَان) تي وڏو ظُلم و سِتَم ڪيو، پوءِ نتيجو اهو ئي نڪتو، ميدانِ بدر ۾ مڪي جي ڪافرن جو غرور خاڪ ۾ مِلايو ويو ۽ کين اهڙي شڪست ملي جو عبرت جو نشان بڻجي ويا. آخر ايئن ڇو ٿيو؟ الله پاڪ جي نبي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام سان نسبي تعلق رکندڙ، ڪعبہ معظمہ جي خدمت ڪندڙن آخر ڇو شڪست کاڌي؟ الله پاڪ

---

[1]...تفسير نعيمی، پاره:10، سورۂ اٰل انفال، تحت الآية:53، جلد:10، صفحہ:54۔

فرمائي ٿو

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ

(پاره10،سورهٔ انفال:53)

ترجموڪنز العرفان: هي ان سبب آهي تہ الله ڪنهن نعمت کي هرگز ناهي تبديل ڪندو جيڪا ان ڪنهن قوم کي عطا ڪئي هجي جيستائين اهي پاڻ پنهنجي حالت کي تبديل نہ ڪن.

## يمن وارا ٻوڏ جو شڪار ڇو ٿيا؟

سَبَا عرب جو هڪ قبيلو گذريو آهي، اهي ماڻهو الله پاڪ جي نبي حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام جي اَولاد مان هئا، يمن جي هڪ علائقي ۾ رهندا هئا، الله پاڪ انهن کي بي مثال نعمتن سان نوازيو هو، انهن جي علائقي جي آب و هوا اهڙي صاف ۽ پاڪيزه هئي جو ان علائقي ۾ نہ مڇر هئا، نہ نانگ، وڇون، نہ مک، نہ ڪتمل، موسم گهڻو معتدل، نہ زياده گرمي هوندي هئي، نہ گهڻو سيءُ، زمين وڏي زرخيز هئي، انهن جا باغ ميون سان ڀريل هوندا ها ايستائين جو ڪو شخص مٿي تي ٽوڪرو کڻي باغ مان لنگهندو هو تہ ان جو ٽوڪرو طرح طرح جي ميون سان ڀرجي ويندو هو، ان کي ميوو ٽوڙڻ جي بہ ضرورت ئي نہ پوندي هئي، ايتري ڪثرت سان ميوا ٿيندا هئا، غرض اها قوم گهڻي خوشحال، امن و سڪون ۽ آرام و چين واري زندگي گذاري رهي هئي، پر انهن سرڪشي ڪئي، الله پاڪ ان علائقي ۾ 13 نبي سڳورا عَلَيْهِمُ السَّلَام موڪليا، انهن سرڪشن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کي نہ مڃيو، تڪبر ڪيو، ڪفر تي رهيا، ضِدّي تي ويا، نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي بي ادبي ۽ گستاخي ڪئي تہ رَبّ قهار جَلَّ جَلَالُہ جو قهر انهن تي ڪڙڪي پيو، الله پاڪ انهن تي ٻوڏ جو عذاب موڪليو، جنهن سان انهن جا باغ، گهر سڀئي فنا ٿي ويا.[1]

---

[1]...عجائب القرآن مع غرائب القرآن، صفحہ:200-201خلاصةً۔

قرآنِ ڪريم ۾ ان سرڪش قوم جو عبرتناڪ داستان هيئن بيان ٿيو آهي:

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِیْ مَسْكَنِهِمْ اٰیَةٌۚ جَنَّتٰنِ عَنْ یَّمِیْنٍ وَّ شِمَالٍ۬ؕ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَ اشْكُرُوْا لَهٗؕ بَلْدَةٌ طَیِّبَةٌ وَّ رَبٌّ غَفُوْرٌ ﴿۱۵﴾ فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَیْهِمْ سَیْلَ الْعَرِمِ وَ بَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَیْهِمْ جَنَّتَیْنِ ذَوَاتَیْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّ اَثْلٍ وَّ شَیْءٍ مِّنْ سِدْرٍ قَلِیْلٍ ﴿۱۶﴾ ذٰلِكَ جَزَیْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْاؕ وَ هَلْ نُجٰزِیْۤ اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿۱۷﴾

(پاره22،سورۂ سبا:15-16-17)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ سبا قوم جي لاءِ انهن جي آبادي ۾ نشاني هئي. ٻہ باغ هئا هڪ ساڄي طرف ۽ ٻيو کابي طرف. پنهنجي ربّ جو رزق کائو ۽ ان جو شڪر ادا ڪيو. پاڪ شهر آهي ۽ بخشڻ وارو ربّ (آهي). پوءِ انهن منهن ڦيريو تہ اسان انهن تي زوردار سيلاب موڪليو ۽ انهن جي باغن جي عيوض ٻہ باغ انهن جي بدلي ۾ ڏنا جيڪي ڪوڙي ميوي وارا ۽ لئي وارا ۽ ڪجھ ٿورين ٻيرين وارا هئا. اسان انهن کي انهن جي ناشڪري جي سبب اهو بدلو ڏنو ۽ اسان انهيءَ کي سزا ڏيندا آهيون جيڪو ناشڪرو هجي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو: ترقي ۽ عروج جو تعلق نالي ۽ نسب سان نہ آهي، ان جي لاءِ هي ناهي ڏٺو ويندو تہ ڪير ڪنهن جو پٽ، پوٽو، آهي، هي ناهي ڏٺو ويندو تہ ڪير ڪير گهڻي پيسي وارو آهي، ترقي ۽ عروج جي لاءِ ڪردار ڏٺو ويندو آهي.

ہم تو مائل بہ کرم ہیں، کوئی سائل ہی نہیں
راہ دکھلائیں کسے، کوئی راہ رَوِ منزل ہی نہیں
تربیتِ عام تو ہے، جوہرِ قابل ہی نہیں
جس سے تعمیر ہو آدم کی یہ وہ گِل ہی نہیں
کوئی قابل ہو تو ہم شانِ کئی دیتے ہیں
ڈھونڈنے والوں کو دُنیا بھی نئی دیتے ہیں

آشعَار جي وضاحت: الله پاڪ جو ڪرم سيني تي ٿيندو آهي، ڪو جهولي ڦهلائڻ وارو هجي، هدايت، عروج ۽ ترقي جون راهون واضِح بيان ڪيون وڃن ٿيون، ڪو هلڻ وارو هجي، تربيت پڻ ڪئي ويندي آهي، ڪو تربيت وٺڻ وارو هجي، جيڪو قابِل هجي ان کي گهڻو ڪجهه ڏنو ويندو آهي، يعني تاج ۽ تخت ۽ حڪومت سان بہ نوازيو ويندو آهي پر ان جي لاءِ قابليت بہ تہ هئڻ گهرجي، اعليٰ ڪردار بہ تہ هجي.

چاہتے سب ہیں کہ ہوں اَوجِ ثُریّا پہ مقیم | پہلے پیدا تو کرے ایسا کوئی قلبِ سلیم

وضاحت: هي سيئي چاهين ٿا تہ مون کي ترقي ملي، ڪاميابي ملي، عروج ملي پر ان جي لاءِ قلبِ سليم کپي، اعليٰ ڪردار کپي، جنهن وٽ قلبِ سليم هجي، اهو جيڪڏهن حبشہ جو غُلام ئي ڇو نہ هجي، ان کي ڪعبي جي ڇت تي چاڙهي اذان ڏياري ويندي آهي ۽ جنهن وٽ قلبِ سليم نہ هجي، اهو چاهي مڪي جو سردار ابولهب ئي ڇو نہ هجي، ان کي ذِلّت ۽ پستي جو نشان بڻايو ويندو آهي. اهو ئي قُدرت جو اَٽل قانون آهي.

## اسان ۽ جشنِ آزادي

اي عاشقانِ رسول! 14 اگست يعني پاڪستان جو 75هون يومِ آزادي اچڻ وارو آهي، هن تاريخ تي الله پاڪ اسان کي بہ هڪ نعمت سان نوازيو، اسان کي آزادي عطا ڪئي وئي، ننڍي کنڊ ۾ مسلمان اٽڪل 100 سال تائين غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهيا، مسلمانن کي ذِلّت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو، انهن تي ظُلم ۽ سِتَم ڪيو ويندو هو، ڪافِر مسلمانن کي جاني ۽ مالي نقصان پهچائيندا هئا، ننڍڙين ڳالهين تي ان مسلمانن جي عزّت پامال ڪندا هئا، مُسلَو چٿي مذاق اُڏائيندا هئا ۽ خبر ناهي ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون ڏيندا هئا، پوءِ الله پاڪ ڪرم فرمايو، عاشقانِ رسول عالم سڳورن محنت ڪئي، بيانات ڪري، ڪتاب لکي، گهر گهر وڃي مسلمانن کي هڪ جذبو ڏنو، جستجو ڏني، بَرّ صغير جي ڪندڪڙڇ مان نعرا لڳڻ لڳا.

اچو! اسان بہ گڏجي هن عظيم ياد کي تازه ڪريون ٿا!

پاڪستان جو مطلب ڇا؟ لَآاِلٰهَ اِلَّا الله . ڪير اسان جا رهنُما؟ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله .

آخر عاشقانِ رسول عالم سڀَورن ۽ عوام جي گڏيل ڪوشش رنگ لاتو، مُسلِم راهنمائن جي محنت ڪم آئي ۽ الله ڪريم اسان کي **اسلاميہ جمهوريہ پاڪستان** جي صُورت ۾ پنهنجو آزاد مُلڪ عطا فرمايو.

هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ ڇا اسان هن نعمت جي قَدر ڪري رهيا آهيون؟ ڇا اسان پاڪستان جي مقصد کي نڀائي رهيا آهن...؟؟

## پاڪستان ڇو ٺاهيو ويو...؟؟

13 جنوري 1948ء تي اسلاميہ ڪاليج پشاور ۾ پاڪستان حاصل ڪرڻ جو مقصد بيان ڪندي باني پاڪستان محمد علي جناح فرمايو: اسان پاڪستان جو مطالبو هڪ زمين جو ٽڪرو حاصِل ڪرڻ جي لاءِ نہ ڪيو هو، بلڪ اسان اهڙي تجربي گاهہ حاصِل ڪرڻ چاهيون ٿا، جتي اسلامي اُصُولن تي آزادي سان عمل ڪري سگهون.

6 مارچ، 1946ء تي محمد علي جناح هڪ تقرير ۾ چيائون:

***Let us go back to our holy book the Quran.Let us revert to the Hadith and the great traditions of Islam which have every thing in them for our guidance.***

يعني اسان کي پنهنجي پاڪيزه ڪتاب قرآنِ مجيد جي طرف واپس موٽڻو پوندو، اسان کي حديث شريف ۽ اسلام جي تعليمات ڏانهن ٻيهر رُخ ڪرڻو پوندو، ڇوتہ ان ۾ اسان جي رهنمائي جي لاءِ سڀ ڪجهہ موجود آهي.

اي عاشقانِ رسول! هي آهي پاڪستان بنائڻ جو مقصد...!! هي مُلڪ ان ڪري نهيو تہ جيئن اسان اسلامي تهذيب ۽ ثقافت کي آزادي سان اپنائي سگهون، قرآنِ ڪريم، حديث شريف ۽ اسلامي تعليمات تي آزادي سان عَمَل ڪري

سگھون ۞ ڇا اسان هن مقصد تي پُوري طرح لهي رهيا آهيون؟ ۞ ڇا اسان جو هلڻ ڦرڻ، اسان جو رنگ ڍنگ، اسان جا طور طريقا اسلامي آهن؟ ۞ اسان پاڪستان ان ڪري آزاد ڪيو تہ نمازون پڙهون، ڇا اسان نماز پڙهون ٿا؟ ۞ اسان پاڪستان ان ڪري آزاد ڪيو تہ روزا رکون، ڇا اسان رمضان جا روزا رکون ٿا؟ ۞ اسان پاڪستان ان ڪري آزاد ڪيو تہ اسان تلاوت ڪيون، آزادي سان قرآني تعليمات تي عَمَل ڪرڻ، آزادي سان سنتون اپنائڻ جي لاءِ بڻايو ويو ۞ ان ڪري بڻايو ويو تہ جيئن اسان ڏاڙهي رکون تہ ڪو اسان تي اعتراض نہ ڪري ۞ اسان سُنّت جي مطابق لباس پايون تہ ڪوئي اسان ڏانهن آڱر نہ کڻي ۞ اسان نماز پڙهون، عمامو پايون، هٿ ۾ تسبيح کڻون تہ ڪو اسان تي ٺٺول نہ ڪري ۞ اسان جون مائرون ڀينرون برقعو پائن، شرعي پردو ڪن، چادر ۽ چار ديواري ۾ رهن تہ ڪو آڱر نہ کڻي، ڪو انهن تي ٺٺول نہ ڪري. انصاف سان چئو! ڇا اسان هي سڀ ڪريون ٿا؟ ۞ ڇا اسان جي چهري تي سُنّت جي مطابق هڪ مُٺ ڏاڙهي شريف آهي؟۞ ڇا اسان سُنّت جي مطابق لباس پايون ٿا؟ ۞ ڇا اسان اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جي تَصوِير بڻجي سگهيا آهيون؟ ۞ ڇا اسان جون مائرون، ڀينرون، ڌيئرون شريعت جي مطابق پردو ڪن ٿيون؟

۽ جڏهن ڪو عاشقِ رسول اسلامي طور طريقا اپنائي ٿو تہ ڇا معاشري ۾ ان کي عزّت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي؟ يا ان تي اجائي ٺٺول ڪئي ويندي؟

## اسان ۽ جشنِ آزادي

افسوس...!! اڄ 75 سال گذرڻ تي آهن پر مجموعي طَور تي ڏٺو وڃي تہ اسان پاڪستان جي مقصدن کي پُورو نہ ڪري سگهياسين، يومِ آزادي اَصل ۾ يومِ تَشَڪر آهي، اللّٰه پاڪ جي حُضُور عاجزي سان سجدو ڪرڻ ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ جو ڏينهن آهي پر اسان جي معاشري ۾ يومِ آزادي بہ گُناهن ڀري انداز سان ملهايو ويندي آهي۞ جشنِ آزادي جي نانءِ تي ڳائڻ وڄائڻ ٿيندو آهي ۞ ميوزڪ هلايو ويندو آهي۞ بيهوده رقص ٿيندو آهي ۞ هُل هنگامو ڪيو

ويندو آهي ۞ پتاخا ڦاڙيا ويندا آهن ۞ بيهودگي سان ڳانا هلايا ويندا آهن ۞ نوجوان گھٽين ۾، رستن تي هُل هنگامو ڪندا آهن ۞ڪيئي نادان جيڪي پنهنجي والدين جي پوڙهائپ جو اڪيلو سهارو هوندا آهن، هو وَن وِيلنگ جي نشي ۾ مست ٿي موت جو شڪار ٿي ويندا آهن ۞ شراب پيتو ويندو آهي ۞ نشي واري شين جو دل کولي استعمال ڪيو ويندو آهي.

مختلف رپورٽس جي مطابق پاڪستان ۾ جشنِ آزادي جي موقعي تي 7 ملين يعني 70 لک ماڻهو منشيات جو استعمال ڪن ٿا، هڪ انتظامي ادارو اجا تائين 800 ملين ڊالر جي منشيات ضبط ڪري چڪو آهي. افسوس! افسوس...!! ڇا اسان ڪي پاڪستان ان ڪري مليو هو؟ ڇا هن نعمت سان ان ڪري نوازيو هو؟

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا | کارواں کے دِل سے اِحساسِ زیاں جاتا رہا

وضاحت: افسوس! اسان جو سازو سامان (مثلاً عزّت، ترقي، ڪاميابي، عروج وغيره) سڀ تباھ و برباد ٿيندو پيو وڃي ۽ مصيبت تہ هي آهي جو اسان نادانن کي هن تباهي جو اِحساس تائين نہ آهي.

## تباهي جي بلڪل ويجهو پهتل آهيون

ڊاڪٽر اقبال چيو هو:

آ تجھ کو بتاتا ہوں تاریخِ اُمم کیا ہے | شمشیر و سنان اَوّل، طاؤس و رباب آخر

شمشير و سنان: تلوار ۽ نيزا. طاؤس و رُباب: يعني ناچ ڳائڻ. **مطلب هي آهي** تہ قومون پهريان خواب ڏسنديون هيون، ترقي، عروج ۽ ڪاميابي جي لاءِ جذبو ڏيکارينديون هيون، جنون هوندو آهي، بلندي ۽ عروج جي لاءِ ڏينهن رات محنت ٿيندي آهي، تڏهن اللہ پاڪ انهن جي محنتن جو صلو عطا فرمائيندو آهي، اُنهن کي ترقي عطا ڪئي ويندي آهي، ايستائين جو قومون بلندي ۽ عروج ۾ تارن تائين وڃي پهچنديون آهن، پوءِ هڪ وقت ايندو آهي جو ماڻهو اللہ پاڪ جي نعمت کي وساري ڇڏيندا آهن، غرور ۽ تڪبُّر اُنهن کي وڪوڙي

ونندو آهي، گُنَاهہ نافرماني، عياشي، فضوليات ۾ حَد کان وڌندا ويندا آهن، تڏهن انهن تي اللّٰه پاڪ جو غضب نازِل ٿيندو آهي ۽ انهن کي وري تنزلي جي اونهي کڏ ۾ ڪيرايو ويندو آهي. قومن جي اها ئي تاريخ آهي.

| | |
|---|---|
| یاخدا! پاک وطن کی تُو حفاظت فرما | فضل کر اس پہ سدا سایۂ رحمت فرما |
| اس کو تُو قلعۂ اسلام بنا دے یا رب! | میرے پیارے وطنِ پاک پہ رحمت فرما |
| ہائے! بدمست گناہوں میں ہوئے اہلِ وطن | یا خدا سب کو عطا نیک ہدایت فرما |
| بچہ بچہ ہو نمازی مرے پاکستاں کا | اور عطا جذبۂ پابندیِ سُنّت کا |
| شکر صد شکر غلامی سے ملی آزادی | پھر عنایت ہمیں کھوئی ہوئی شوکت فرما |

اي عاشقانِ رسول! اڄ اسان پنهنجو جائزو وٺون تہ شايد اسان تباهي جي آخري ڪناري تي بيٺل آهيون، اسان جي وڏڙن آزادي جو خواب ڏٺو هو، انهن ۾ جذبو هو، شوق هو، لڳن هئي، پوءِ انهن محنتون ڪيون، قربانيون ڏنيون، اُنهن جون محنتون رنگ لاتو، اللّٰه پاڪ اسان کي ملڪ عزيز پاڪستان عطا ڪيو، اڄ 75 سال کان پوءِ اسان جو معاشرو گُنَاهن جي وڪڙ ۾ آهي، عيش پرستي، حِرص لالچ، اجايو فخر ۽ غرور، دُنيا جي محبّت ۽ فضوليات جي ڪثرت آهي، جڻ تاريخ دُهرائي پئي وڃي، اللّٰه پاڪ اسان کي عُروج عطا ڪيو هو ۽ هاڻي اسان تباهي ڏانهن ڊوڙندا پيا وڃون، جيڪڏهن هاڻي بہ اسان نہ سنڀلجي سگهياسين تہ ياد رکو! اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اِذَاۤ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوْمٍ سُوْٓءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗۚ وَ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّالٍ﴿۱۱﴾<br>(پاره13،سورۃ رعد:11) | ترجموڪنزالعرفان:۽ اللّٰه جڏهن ڪنهن قوم سان برائيءَ جو اِرادو فرمائيندو آهي تہ ان کي ڪوبہ ٽارڻ وارو ناهي ۽ ان کان سواءِ انهن جو ڪو حمايتي نہ آهي. |

معلوم ٿيو: جڏهن قومون عياش پرست ٿي وينديون آهن، انهن جو ڪردار

گهڻو ڪِري پوندو آهي، هو نافرمانين ۾ حَد ڪان وڌي ويندا آهن ته انهن تي عذاب لهندو آهي، انهن کي سزا ڏني ويندي آهي، پوءِ دُنيا جي ڪا به طاقت انهن کي تباهي ۽ بربادي سان بچائي نٿي سگهي.

نہ سمجھو گے تو مٹ جاؤ گے اے مسلمانو! | تمھاری داستاں تک بھی نہ ہوگی داستانوں میں

## اُمّتِ مسلم جون چار اَهم ذِمّيداريون

پيارا اسلامي ڀائرو! هي گهڻي واضِح ڳالهه آهي، هر شيء جو ڪو مَقصَد هوندو آهي، جيستائين اها شيء پنهنجو مَقصَد پُورو ڪندي رهي، ان جي قَدر ۽ قيمت هوندي آهي، ان جو مالِڪ اُن شيء جي حفاظت به ڪندو آهي، جيڪڏهن اها شيء پنهنجو مَقصَد پُورو نہ ڪري تہ ان جي قَدر ۽ قيمت باقي ناهي رهندي، نہ ان جي حفاظت ڪئي ويندي آهي، هڪ قلم جو مثال وٺو! قلم جو مَقصد لکڻ آهي، جيستائين قلم لکندو رهي، ماڻهو ان کي سيني سان سانديي رکندا آهن، جڏهن هي لکڻ بند ڪري تہ ان جي پهرين جهڙي اهميت ناهي رهندي، نہ ان جي حفاظت ڪئي ويندي آهي، نہ سيني سان لڳائي رکيو ويندو آهي.

اهوئي معاملو آهي، اسان مسلمانن جون بہ ذِميداريون آهن، جيستائين اسان اهي ذِمّيواريون نڀائيندا رهنداسين، ترقي، ڪاميابي، عروج اسان جو مُقَدَّر رهندي، جيڪڏهن اسان پنهنجي ذِميواريون نڀائڻ ڇڏي ڏينداسين تہ اسان پنهنجي قيمت ۽ قدر وڃائي ويهنداسين.

اسان جون ذميواريون ڪهڙيون آهن؟ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| ڪُنۡتُمۡ خَيۡرَ اُمَّةٍ اُخۡرِجَتۡ لِلنَّاسِ تَاۡمُرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَ تَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَ تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ ؕ (پاره:4،سورة آلِ عمران:110) | ترجموڪنز العرفان: (اي مسلمانو!) توهان ڀلي اُمت آهيو جيڪا ماڻهن (جي هدايت) جي لاءِ ظاهر ڪئي وئي، توهان ڀلائي جو حڪم ڏيندا آهيو ۽ بُرائي کان منع ڪندا آهيو |
|---|---|

امام فَخرُ الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آيتِ سڳوري جي معنيٰ هي آهي تہ اي مسلمانو! لَوحِ مَحفُوظ ۾ توهان جي اها وصف لکيل آهي تہ توهان سڀني کان بهتر ۽ سڀني کان اَفضَل اُمّت آهيو، توهان جي لائِق اهو آهي تہ توهان هن منصب جي حِفَاظت ڪريو![1] يعني هميشہ الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت گذار ۽ فرمانبردار ٿي رَهو...!!

اي عاشقانِ رسول! هن آيت سڳوري ۾ رَبّ ڪائنات اُمَّتِ مسلمہ جون 4 اَعليٰ وصفون بيان ڪيون آهن ۽ هي چار وصفون اَصل ۾ اُمَّتِ مسلمہ جون چار ذِميواريون بلڪ مقصدِ زِندگي آهن:

## اُمّتِ مسلمہ خيرُ الاُمَم آهي

حضرت علّامہ مفتي عبد المصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت سڳوري جي وَضاحت ڪندي فرمائن ٿا: هڪ مسلمان جي لاءِ زِندگي جو پهريون مقصد خَيْرُ الْاُمَمْ يعني بهترين اُمّت ٿيڻ آهي. جهڙي طرح گلاب جي لاءِ خوشبو، موتي جي لاءِ چمڪ ۽ سج جي لاءِ روشني لازم آهي، اهڙي طرح هڪ مسلمان جي لاءِ پنهنجي عملن ۽ فعلن جي لحاظ کان سمورين اُمّتن ۾ سڀ کان اعليٰ، سڀ کان اَفضَل، سڀ کان بهتر هئڻ لازِم ۽ ضروري آهي، عبادتون ۽ معاملات هجن يا اَخلاق ۽ عادتون غرض زندگي جي هر شعبي ۾، زِندگي جي آخري گهڙين تائين هڪ مسلمان خير ئي خير هجي، بَس پُوري زِندگي قرآن ۽ سُنّت جو دامن پڪڙي صراطِ مستقيم (يعني سڌي راهہ) تي هلندو وڃي تہ جيئن ٻيون قومون مسلمان کي ڏسي هي صدا هڻن تہ[2]

يہی وہ ہیں کہ جن کے واسطے خَتْمُ الرُّسُل آئے | انہی پر ختم ہے ''خَیْرُ الْاُمَم'' کی جلوہ سامانی

وضاحت: هي ئي اها خوش نصيب اُمَّت آهي، جن جي هدايت جي لاءِ الله پاڪ

[1]...تفسير ڪبير، پاره:4، سورۂ اٰل عمران، تحت الآية:110، جلد:3، صفحہ:323۔

[2]...عرفانی تقریریں، بیان: زوال کے اسباب، صفحہ:99بتغیر قلیل۔

پنهنجي سڀ کان محبوب نبي، خاتَمُ النَّبِيين کي موڪليو، هن اُمَّت کي خَيرُالاُمَم جو لقب ڏنو ويو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي هڪ مسلمان جي پهرين ذميواري جو مسلمان هميشہ خَيرُ الاُمَم يعني بهترين اُمَّت بڻجي رهي. يقيناً جيڪو بهتر هوندو آهي، اهو آئيڊيل بہ هوندو آهي ۽ جيڪو آئيڊيل هوندو آهي، اهو ٻين جي نقل ناهي ڪندو، ٻيا ان جي پويان هلندا آهن، لھٰذا تيئن ايئن ڪپي ها تہ مسلمان اهڙو بڻجي رهي جو ٻيون قومون ان جي پيروي ڪن، مسلمان جا اَخلاق ايترا اعليٰ هجن جو ٻيون قومون مسلمانن کان اَخلاق سکن، مسلمان جو ڪردار اهڙو اعليٰ هجي جو ٻيون قومون ڪردار جي بهتري جي لاءِ ان جي صحبت اپنائن، هڪ مسلمان جون عادتون، ان جا فعل، ان جي گفتار، طور طريقا، اُٿ ويهہ ايتري بهتر هجي جو ان کي آئيڊيل بڻايو وڃي، ان جي پيروي ڪئي وڃي، ٻيون قومون ان جي ڪردار، اَخلاق ۽ عادتن تي رشڪ ڪن ۽ ان کي ڏسي جيئڻ سکن.

پر افسوس! اڄ حالتون ابتڙ آهن، خَيرُالاُمَم (بهترين اُمَّت) اسان آهيون، هئڻ تہ ايئن گهرجي ها جو اسان ٻين جي لاءِ آئيڊيل بڻجون ها، اسان ٻين قومن کي پنهنجو آئيڊيل بڻائي ورتو آهي، هئڻ تہ هي ڪپي ها تہ ٻيون قومون اسان جي نقل ڪن ها پر اسان نَقل ڪندڙ بڻجي ويا آهيون، اسان ٻين جي نقل ڪرڻ لڳا آهيون، اُٿ ويهہ ۾ ڪافِرن جو نقل، تعليم ۾ ڪافِرن جو نقل، اُصُول ۽ قوانين ۾ ڪافِرن جو نقل، ايستائين جو جُتي ڪپڙا خريدڻ ۽ کائڻ پيئڻ ۾ بہ غير قومن جو نقل ڪيو ويندو آهي، صَد اَفسَوس! اڄ مسلمان قرآن نٿا سکن، ڪافِرن جو فلسفو سکي ونن ٿا، پنهنجي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت کي نٿا ڏسون، ڪافِرن جو انداز اپنايون ٿا.

| | |
|---|---|
| شَور ہے ہو گئے دُنیا سے مسلماں نابُود | ہم یہ کہتے ہیں کہ تھے بھی کہیں مسلم موجود؟ |
| تم ہو صُورت میں نصاریٰ تو تمدن میں ہنود | یہ مسلماں ہیں جنہیں دیکھ کے شرمائیں یہود |

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا اَسلاف، پهريان جا نيڪ مسلمان اهڙا ئي هئا، هُو ڪنهن قوم جي نقل نہ ڪندا هئا، هُو پنهنجي آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون سنتون اپنائيندا هئا، قرآنِ مجيد جي ٻڌايل اُصُولن تي هلن ٿا، دُنيا ۾ انهن جي ڏوم متل هئي، رَبّ ڪائنات انهن کي ترقي عطا فرمائي هئي، انهن کي عُرُوج بخشيو ويو، ڪافِر اُنهن تي رشڪ ڪندا هئا، ايستائين جو انهن جي اَخلاق ۽ ڪردار سان متاثر ٿي ڪافر ڪلمو پڙهندا هئا.

اچو! هن جي هڪ حسين جهلڪ پيش ڪيان ٿو:

## اَخلاق ڏسي ڪافِر مسلمان ٿي ويو

حضرتِ مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ پيري هڪ گهر ڪرائي تي ورتو، ان گهر جي بلڪل پرسان هڪ يهودي جو گهر هو. اهو دُشمني جي سبب نيساري جي ذَرِيعي گندو پاڻي ۽ غَلاظت سندن گهر ۾ اڇلائيندو هو، پاڻ ان غلاظت کي صاف ڪري خاموش ٿي رهندا هئا، آخِرڪار هڪ ڏينهن ان يهودي پاڻ اچي چيو: جناب! منهنجي نيساري مان ڪِرڻ واري گندگي جي ڪري اوهان کي ڪا شڪايت تہ ناهي؟ حضرت مالِڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نهايت نرمي سان فرمايو: نيساري مان جيڪا گندَگي ڪِرندي آهي، ان کي ڌوئي ڇڏيندو آهيان، يهودي چيو: اوهان کي ايتري تڪليف جي باوُجُود غُصو ناهي ايندو، فرمايائون اچي ٿو پر روڪي ڇڏيندو آهيان ڇوتہ (سيپاري 4 سورت آلِ عمران آيت نمبر 134 ۾) رب پاڪ جو فرمانِ مَحَبَّت نشان آهي :

| | |
|---|---|
| وَ الْكٰظِمِیْنَ الْغَیْظَ وَ الْعَافِیْنَ عَنِ النَّاسِؕ وَ اللّٰهُ یُحِبُّ الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۱۳۴﴾<br>(پاره:4،سورهٔ آلِ عمران:134) | ترجموڪنز العرفان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ درگذر ڪرڻ وارا ۽ الله نيڪ ماڻهن سان محبت فرمائيندو آهي. |

حضرت مالِڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو هي پيارو جواب ٻُڌي اُهو يهودي ڪلمو

پڙهي مسلمان ٿي ويو.[1]

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی | بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

اي عاشقانِ رسول! هي هئا پهريان جا مسلمان...!! انهن جي اَخلاق ۽ ڪردار سان متاثر ٿي ڪافِر ڪلمو پڙهندا هئا ۽ اڄ اسان جو حال ڇا آهي؟ اسان ڪي ڏسي ڪافر متاثر ته ڇا ٿيندا، الٽو ٿي سگهي ٿو هو اِسلام کان نفرت ڪرڻ لڳن.

## هڪ غير مسلم جو عبرتناڪ جواب

هڪ غير مسلِم مفڪر هو، ان کي ڪنهن مسلمان چيو: توهان ايترا صاحبِ نظر آهيو، عقل رکو ٿا، پوءِ مسلمان ڇو نٿا ٿيو؟ ان تي غير مسلم اهڙو ته عبرتناڪ جواب ڏنو جو ان کي ٻڌي هر غيرت مند مسلمان جو شرم سان ڪنڌ جهڪي ويجي، غير مسلم چيو: جڏهن مان ان اسلام کي ڏسان ٿو ته جيڪو مسلمانن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته منهنجي دِل ۾ اسلام جي حقّانيت (يعني سچّائي) جو چراغ روشن ٿي ويجي ٿو، منهنجي دِل چاهيندي آهي ته مان هن مقدّس ڪتابن کي سڄي زِندگي سيني سان لڳائي رکان پر جڏهن مان اُن اسلام کي ڏسان ٿو جنهن تي اڄڪلهه جا مسلمان عمل ڪري رهيا آهن ته منهنجي دِل اسلام کان بيزار ٿي ويجي ٿي.[2]

بن گئے تنکے نشیمن کے قفس کی تیلیاں | بَن گیا کیا؟ ہم چلے تھے کیا بنانے کے لئے

وضاحت:گهر ناهڻو هو، قيد خانو بڻجي ويو، اسان بڻائي ڇا رهيا هئاسين؟ ۽ ڇا بڻجي ويو؟ مطلب هي ته اسان اُبتي راهه جا مسافر ٿي ويا آهيون، ٿيڻ ته هي کپي ها جو اسان ٻين جي لاءِ زِندگي جو نمونو بڻجون، اسان جي سبب اسلام کي ترقي ملي ها پر اُبتو هي ڇا ٿي ويو جو ماڻهو اسان جي سبب اسلام سان نفرت ڪرڻ لڳا.

اي عاشقانِ رسول! اسان جي ذِميداري آهي ته خَيْرُ الْاُمَمْ (يعني بهترين اُمَّت) هئڻ جو

[1]...تذکرۃ الاولیاء مترجم، صفحہ:32۔

[2]...عرفانی تقریریں، بیان: زوال کے اسباب، صفحہ:101بتغیر قلیل۔

جيڪو اعزاز اسان کي رَبّ ڪائنات عطا فرمايو آهي، اسان هن اعزاز جي قَدر ڪريون، اسان واقعي خَيْرُ الْاُمَمْ (يعني بهترين اُمَّت) بڻجي رهون، اسان ٻين جي نقل نہ ڪريون، بلڪ قرآن ۽ سُنّت جي تعليم حاصِل ڪريون، هن تي عَمَل ڪريون، پنهنجي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت کي عملي طور اپنايون، ڪاش! اسان سنتن جي مطابق زندگي گذاريون.

يامصطفےٰ! گناہوں کی عادتیں نکالو | جذبہ مجھے عطا ہو سنّت کی پَیروی کا[1]

## (2-3): نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! اُمَّتِ مسلمہ جي ٻي ۽ ٽئين ذِميواري ڪهڙي آهي؟ رَبّ ڪريم فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (پاره:4،سورة آلِ عمران:110) | ترجموڪنزالعرفان: جيڪا ماڻهن (جي هدايت) جي لاءِ ظاهر ڪئي وئي، توهان ڀلائي جو حڪم ڏيندا آهيو ۽ برائي کان منع ڪندا آهيو |

معلوم ٿيو: نيڪي جي دَعوَت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ هي بہ هر مسلمان جي ذِمّيداري ۾ شامِل آهي پر افسوس! اڄ مسلمانن جي اَڪثريت انهن زميوارين کان پاسو ڪري چڪي آهي. هڪ عجيب سوچ خبر ناهي ڪٿان اچي وئي آهي: اسان سمجهون ٿا تہ نيڪي جي دَعوَت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ صِرف مَولَوِي ۽ امام صاحب جو ڪم آهي، باقي سڀ ڪمائن، ڪائن ۽ موجون ڪن.

پهرين تہ هي ياد رکو! مَولَوِي جي معنيٰ آهي: اللّٰه وارو.[2] ڏٺو وڃي تہ هر مسلمان ئي اللّٰه وارو (يعني اللّٰه پاڪ کي مڃڻ وارو) آهي، اسان مان شايد ڪو بہ پاڻ کي **شيطان وارو** مڃڻ جي لاءِ تيار نہ هجي. جڏهن سڀ اللّٰه وارا آهن تہ سڀ

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ:177۔

[2] ...فيضان علم وعلما، صفحہ:11۔

ئي مَولَوِي ٿيا، ها! جنهن ڏاڙهي شريف نہ رکي، هي ان جي غلطي آهي، ڏاڙهي نہ رکڻ وارو، عِلمِ دِين نہ سکڻ وارو ٻِنهِي مُجرِم آهي، هڪ تہ ان ڏاڙهي ناهي رکي، ضروري عِلمِ دِين ناهي سکيو، ٻيو هو نيڪي جي دَعوَت بہ نٿو ڏي، بُرائي کان منع نٿو ڪري.

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي اَحمَد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سمورا مُسلمان مُبلِّغ آهن، سيني تي ئي فرض آهي تہ ماڻهن کي چڱين ڳالهين جو حُڪم ڏين ۽ بُرين ڳالهين کان روڪين.[1] اسان جي پياري آقا ۽ مولا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ اٰيَةً يعني منهنجي طرفان پهچايو، توڙي جو هڪ ئي آيت هجي.[2]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان ٿورو غور ڪريون! اسان دِين جي جيترين ڳالهين بابت ڄاڻ رکون ٿا، ڇا اهي ڳالهيون اسان ٻين تائين پهچايون ٿا؟ ڪنهن کي خبر ناهي تہ پنج نمازون فرض آهن؟ ڇا اسان ٻين کي نماز جي دعوت ڏيون ٿا؟ ڪنهن کي خبر ناهي تہ رمضان جا روزا فرض آهن؟ ڇا اسان روزا رکڻ جي دعوت ڏيون ٿا؟ ڪنهن کي خبر ناهي تہ تِلاوتِ قرآن نيڪي جو ڪم آهي؟ ڇا اسان تِلاوتِ قرآن جي دعوت ڏيون ٿا؟ ڪنهن کي خبر ناهي تہ وياج جي ڏيتي ليتي ڪرڻ، گانا ٻڌڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ، بي پردگي وغيره هي سڀ گُناهہ آهن؟ ڇا اسان هنن کان ماڻهن کي روڪيون ٿا؟ افسوس! اسان جي اَڪثرِيت اهڙي آهي جيڪا اهي ڪم نٿي ڪري (يعني ڪوڙ سارين شيون معلوم هئڻ جي باوجود بہ اسان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ کان محروم رهون ٿا)، اسان جيترو دِين ڄاڻون ٿا، ايترو ٻين تائين پهچايون نٿا ۽ وڌيڪ ديني عِلم سکڻ جي جستجو پڻ نٿا ڪيون.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ڪنهن حُضُورِ انور، مڪي مديني جي تاجوَر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

[1]…تفسير نعيمی، پاره:4، سورۂ اٰل عمران، تحت الآية:104، جلد:4، صفحہ:79۔

[2]…بخاري، کتاب احاديث الانبياء، صفحہ:888، حديث:3461۔

ڪان پڇا ڪئي: بهترين شخص ڪير آهي؟ فرمايائون: اللہ پاڪ کان ڊڄڻ وارو، صلہ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) ڪرڻ وارو، چڱين ڳالهيون ٻڌائڻ ۽ بُرائين کان روڪڻ وارو.[1] امام حَسَن بَصَرِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو چڱين ڳالهين جو حڪم ڏي، بُرائين کان روڪي، هو اللہ پاڪ جو بہ خليفو آهي، ان جي رسول (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جو بہ ۽ اُن جي ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم) جو بہ خليفو آهي.[2]

## نيڪي جي دَعوَت ڇڏي ڏيڻ جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن نيڪي جي دَعوَت ڏيڻ بهترين عبادت آهي، ايئن ئي دِيني ڪم ڇڏي ڏيڻ بدتَرِين جُرم آهي. روايت ۾ آهي: جيڪڏهن مسلمانن تبليغ ڇڏي ڏني تہ انهن تي ظالِم بادشاهہ مُسَلَّط ٿيندا ۽ اُنهن جون دُعائون قبول نہ ٿينديون.[3]

## نيڪي جي دَعوَت نہ ڏيڻ هلاڪت جو سبب آهي

صحابيءِ رسول حضرت نعمان بن بشير رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي: رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اللہ پاڪ جي حُدُود ۾ سُستي ڪرڻ واري ۽ اُنهن ۾ مبتلا ٿيڻ واري جو مثال انهن ماڻهن جهڙو آهي جن ٻيڙيءِ ۾ قرعہ اندازي ڪئي (ڪٺو وڌو)، ڪن جي حِصي ۾ هيٺ وارو حصو آيو ۽ ڪن جي حِصي ۾ مٿي وارو حصو، هاڻي هيٺ وارن کي پاڻي جي لاءِ مٿي وارن وٽ وڃڻو پيو پئي، انهن هن کي زَحمت سمجهيو ۽ هڪ ڪهاڙو کڻي ٻيڙي جي هيٺين حِصي ۾ سوراخ ڪرڻ لڳا، مٿي وارن انهن وٽ اچي چيائون: تو کي ڇا ٿي ويو (يعني ٻيڙي ۾ سوراخ ڇو ٿو ڪرين)؟ هن چيائين: توهان کي منهنجي ڪري تڪليف ٿئي ٿي ۽ پاڻي جي بغير گذارو نہ آهي. هاڻي

---

1…شُعب الايمان، باب فی صلة الارحام، جلد:6، صفحہ:220، حديث:7950۔

2…تفسير روح المعانی، پارہ:4، سورۂ اٰل عمران، تحت الآية:104، جلد:4، صفحہ:326۔

3…تفسير روح المعانی، پارہ:4، سورۂ اٰل عمران، تحت الآية:104، جلد:4، صفحہ:326ملتقطاً۔

جيڪڏهن انهن سوراخ ڪرڻ واري جو هٿ پڪڙي ورتو ته ان کي بچائي ورتو ۽ پاڻ به بچي ويندا ۽ جيڪڏهن اُن کي ڇڏي ڏنو ته هو انهن کي به هلاڪ ڪندو ۽ پاڻ کي به هلاڪ ڪندو.[1]

مرآة المناجيح ۾ آهي: هن حديث شريف ۾ هڪ مثال جي ذريعي بُرائي کان روڪڻ ۽ نيڪي جو حڪم ڏيڻ جي اهميت کي واضِح ڪيو ويو ۽ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪڏهن اِهو سمجهي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ جو فريضو ڇڏيو وڃي ته بُرائي ڪرڻ وارو پاڻ نقصان ڪٽندو، اسان جو ڪهڙو نقصان آهي ته هي سوچ غلط آهي، ان ڪري جو ان جي گُناهه جا اَثرات تمام معاشري کي پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي ويندا، جهڙي طرح ٻيڙي ٽوڙڻ وارو اڪيلو ناهي ٻڏندو، بلڪ اهي سيئي ٻڏندا جيڪي ٻيڙي ۾ سوار آهن، اهڙي طرح برائي ڪرڻ وارن ڪجھ ماڻهن جو هي جُرم تمام مُعَاشري ۾ ناسُور بڻجي ڦهلجي ويندو آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي زَوال جو سبب...!! جڏهن قومون نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ ڇڏي ڏينديون آهن ته انهن جو عروج پستي ۾، انهن جي ترقي تَنَزُّلي ۾ ۽ ڪاميابيون ناڪامي ۾ بدلجڻ شروع ٿي وينديون آهن، ان ڪري اسان سيني کي گهرجي ته اسان پنهنجي طاقت ۽ منصب جي مُطَابق نيڪي جي دعوت ڏيون ۽ بُرائي کان منع ڪندا رهون.

جو نیکی کی دعوت کی دھومیں مچائے | میں دیتا ہوں اس کو دعائے مدینہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4): الله پاڪ تي پختو ايمان

اُمَّتِ مسلمه جي چوٿين اَعليٰ وَصف رَبّ ڪائنات هي ارشاد فرمائي آهي:

[1]…بخاری، کتاب الشہادات، باب القرعۃ فی المشکلات، صفحہ:692، حدیث:2686۔

[2]…مرآۃ المناجیح، جلد:6، صفحہ:545۔

وَ تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ ؕ
(پاره:4،سورة آلِ عمران:110)

ترجموڪنز العرفان: ۽ الله تي ايمان رکندا آهيو

هي وَصف الحمد لله! هر مسلمان کي حاصِل آهي، اسان سيئي الله پاڪ تي اِيمان رکون ٿا، رَبّ ڪائنات کي پنهنجو پالڻهار مڃون ٿا، صِرف اُن جي عِبَادت ڪريون ٿا، صِرف انهيء جي بارگاهه ۾ جهڪون ٿا ۽ سجدو ڪريون ٿا.

پر هتي هڪ غور طلب ڳالهه آهي! اها هي تہ ڇا اسان هن ايمان جون تقاضائون پوريون ڪريون ٿا؟

## ايمان جي حقيقت ڇا آهي؟

هڪ ڀيري حضرت ابراهيم خوّاص رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان ڪنهن پڇيو: ايمان جي حقيقت ڇا آهي؟ فرمايائون: تَوَڪل جي حِفَاظت ڪرڻ ايمان جي حقيقت آهي.[1]

يعني هر حال ۾ پانهو الله پاڪ ئي تي ڀروسو رکي، ڪنهن وقت هي ڀروسو ڪمزور نہ ٿيڻ ڏي، تَوَڪل جي اهڙي حفاظت ڪرڻ، ايمان جي حقيقت آهي.

ٿورو اسان غور ڪريون! ڇا اسان تَوَڪل اپنايون ٿا؟ ڇا اسان پنهنجي رَبّ ڪريم تي ڀروسو رکون ٿا؟ افسوس! افسوس! مادِيت پرستي عام آهي، اڄ ڪجھ نادان مسلمان بہ دُنياوي لذتن ۾ مست آهن، يقين ڪمزور آهن، رِزق جي پويان ڀڄندي ڀڄندي رازِق (يعني رِزق ڏيڻ واري الله ڪريم) کي وساري ڇڏيون ٿا، اَسبَاب ڳولهندي ڳولهندي مُسَبِّبُ الۡاَسبَاب (يعني اسباب بنائڻ واري الله ڪريم) کي وساري ڇڏيون ٿا.

ماڻهو دُڪان تي وينل هجي، اَذان ٿئي تہ 10 منٽ جي لاءِ دُڪان بند ڪرڻ ڏکيو لڳي ٿو، ڇو؟ رِزق دُڪان ڏي ٿي يا رَبّ ڪائنات ڏي ٿو؟ ماڻهو ڪوڙ

[1]...ڪشف المحجوب، صفحه:422۔

ڳالهائڻ نٿا چڏين ان ڪري جو ڪوڙ نہ ڳالهائيندا تہ دُڪان ڪيئن هلندي؟ وياجي ڏيتي ليتي کان نٿا مڙن، وياج ڇڏي ڏنو تہ مال گهٽجي ويندو، عِلمِ دِين ڏانهن راغِب نٿا ٿين، قرآنِ ڪريم پڙهڻ سکڻ جو وقت نہ آهي، مدني قافلن ۾ سَفَر ڪرڻ ۽ سنتون سکڻ جو وقت نہ آهي چوتہ جيڪڏهن راهِ خدا ۾ سفر ڪنداسين تہ گهر جو ڇا ٿيندو؟ ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ ڪمائينداسين ڇا؟ کائينداسين ڪٿان؟ مطلب تہ الله پاڪ تي اِيمَان تہ رکون ٿا پر يقين ڪمزور ٿي ويا آهن، اهڙن ماڻهن جو وڏو تعداد آهي جيڪو محض ظاهري اَسبَاب تي ڀروسو ڪن ٿا. جڏهن تہ ايمان جي تقاضا هي آهي تہ اسان ظاهري اَسبَاب کان وڌيڪ رَبِّ ڪائنات جي قُدرتن تي ڀروسو ڪريون. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي قُدرتِ ڪامِلہ تي ايمان آڻڻ ۽ ظاهري اسباب کان عِلاوه پوشيده اسباب تي ايمان رکڻ تَوَڪل آهي.[1]

## الله تي ڀروسو رکو! جيڪڏهن مؤمن آهيو...!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْۤا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ﴿۲۳﴾<br>(پاره:6،سورۂ مائده:23) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو تہ الله تي ئي ڀروسو ڪيو. |

## پکين جهڙيون دِليون

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يَدْخُلُ الْجَنَّةَ اَقْوَامٌ اَفْئِدَتُهُمْ مِثْلُ اَفْئِدَةِ الطَّيْرِ جنّت ۾ اهڙيون قومون داخِل ٿينديون، جن جون دِليون پکين جي دلين جهڙيون هونديون.[2]

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جهرڪين جي دِل ۾ الله پاڪ تي تَوَڪل اعليٰ درجي جو هوندو آهي

[1]...احياء العلوم، جلد:4، صفحہ:791 بتغير۔

[2]...مسلم، كتاب الجنة والصفة، باب يدخل الجنةاقوام، صفحہ:1091، حديث:2840۔

۾ انهن جون ڊِليون بُغض ۾ ڪيني کان پاڪ هونديون آهن، جنهن انسان ۾ اهي صفتون پيدا ٿي وڃن اهي ملائڪ صفّت بڻجي وڃي.[1]

رِزق نہ رکھیں ساتھ میں پنچھی اور دَرویش | جن کا رَبّ پر آسرا اُن کو رِزق ہمیش

وضاحت: پکي پاڻ وٽ رِزق جمع ڪري ناهن رکندا، هو پري جو سَفَر ڪن ٿا، اهڙي طرح ولي سڳورا پڻ رِزق جي اهتمام تي تَوَجُّه ناهن رکندا، ڇو؟ ان ڪري جو الله پاڪ تي ڀروسو رکن ٿا، انهن جي رِزق جو انتظام ٿي ئي ويندو آهي.

اي عاشقانِ رسول! مادِيت پرستي؛ يعني تَوَڪل جي گهٽتائي ۾ ظاهري اَسبَاب تي گهڻو ڀروسو رکڻ، هي بہ زَوال جو هڪ سبب آهي، ان جي ڪري دِل ۾ دُنيا جي محبّت وڌي ٿي، حِرص ۾ لالچ ۾ اِضَافو ٿئي ٿو، دِل ۾ حَسَد جي باهہ وڌي ٿي ۾ انسان بس دُنيا ئي جو ٿي وڃي ٿو. ڪيترين قومون آهن جيڪي دُنيا پرستي جي ڪري تباهہ ۾ برباد ٿي ويون. الله پاڪ اسان کي تباهي کان بچائي، پنهنجي ڪرم سان اسان گنهگارن کي نعمت جي زوال کان محفوظ فرمائي.

## بيان جو خُلاصو

خُلاصو هي تہ اُمَّتِ مسلمہ جون 4 بنيادي ذميواريون آهن ؛ (1): خَيرِ اُمَّت هئڻ جو عملي ثبوت ڏيڻ (2): نيڪي جي دعوت ڏيڻ (3): بُرائي کان منع ڪرڻ (4): ۾ الله پاڪ تي ڪامِل يقين رکڻ. افسوس! اڄ اسان انهن چئني ذميوارين ۾ ناڪام ٿيندي نظر اچي رهيا آهيون، ڪردار اسان جا بگڙجي چڪا آهن، نيڪي جي دَعوت اسان نٿا ڏيون، بُرائي کان اسان منع نٿا ڪيون ۾ مادِيت پرستي، دُنيا جي رنگينين ۾ ايترا قاسي ويا آهيون جو ايمان ڪمزور ٿيندا پيا وڃن. غور فرمايو! جيڪا قوم پنهنجون ذِميواريون نہ نڀائي، اها زوال ۾ پستي جي ڪيتري قريب آهي؟ هاڻي بہ وقت آهي تہ اسان سنڀلجي وڃون، رَبّ ڪائنات

[1]...مرآة المناجيح، جلد:7، صفحہ:368۔

اسان کي جيڪا مهلت عطا فرمائي آهي، پاڪستان جي صُورت ۾ آزادي جي نعمت سان نوازا آهي، هن جي قَدر ڪريون، هن نعمت جو شڪر ادا ڪريون، ناشڪري کان بچون، گُناهن کان هر دَم پري رهون، پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار بهتر ڪريون، نيڪي جي دعوت عام ڪريون، بُرائين کان منع ڪريون، الله پاڪ تي ڪامِل يقين رکي ان جي راهه ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ لڳي وڃون، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! دُنيا ۾ به ڪاميابي اسان جا قدم چمندي، عروج، ترقي، عزّت و شوڪت عطا ٿيندي ۽ الله پاڪ چاهيو ته قبر ۽ آخرت به سَنوَرجي ويندي. الله پاڪ اسان سڀني کي عَمَل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي به جشنِ آزادي ملهائي ٿي، پر دعوتِ اسلامي جو انداز نِرالو آهي، الحمد لله! جشنِ آزادي جي موقعي تي مدني قافلا سَفَر ڪن ٿا، هزارين عاشقانِ رسول مدني قافلن ۾ سَفَر ڪري شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ وڃي نيڪي جي دعوت ڏين ٿا ۽ برائي کان منع ڪن ٿا، پاڻ به نمازون پڙهن ٿا، ٻين کي به نمازن جي دعوت ڏئي مسجد ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، قرآنِ ڪريم ۽ سُنّتن جو فيضان عام ڪن ٿا، عشق رسول جي شمع دِلين ۾ روشن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ايئن عاشقانِ رسول دين سکي، ٻين کي سيکاري حقيقي غُلامانِ مصطفيٰ بڻجڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ ٻين کي به انهيءَ راهه جو مُسَافِر بنائن ٿا.

اي عاشقانِ رسول! 14 اگست تي سرڪاري موڪل هوندي آهي، هن سال ته هونئن به 14 اگست آچر تي آهي، اوهان به ذهن بڻايو، همت ڪريو، **14,13,12آگسٽ**2022(جمعه، ڇنڇر، آچر) **3 ڏينهن مدني قافلي ۾ سفر** جي سعادت نصيب ٿي وڃي، **حقيقي غُلامِ رسول** بڻجڻ جي لاءِ، تحريڪ آزادي ۾ شهيد ٿيڻ وارن عاشقان رسول جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾

سَفَر ڪريو ۽ آزادي جي نعمت جو شڪر ادا ڪريو.

## دِل جي حالت بدلجي وئي

فيصل آباد (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان بگڙيل ڪردار جو مالڪ هيس. ڪوڙ، غيبت، چغلي، بدنگاهي جهڙا گُنَاھ منهنجي معمول جو حِصو هو، مان مارشل آرٽ سکيل هئس، جنهن جي ڪري **ماڻهن سان هرو ڀرو جهيڙو ڪندو هئس، هر نئون فيشن ڪي اپنائڻ منهنجو شوق هو، افسوس! نمازن سان ايتري قدر پري هيس جو مون ڪي هي به خبر نه هئي ته نمازن ۾ ڪيتريون ڪيتريون رڪعتون هونديون آهن.** نيٺ رحمت جو دَر کليو ۽ منهنجي قسمت هيئن چمڪي جو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته هڪ اسلامي ڀاءُ مون ڪي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي دعوت ڏني، دوست جي ڳالھ ٽاري نه سگهيس ۽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان مون ڪي حياتي جو مقصد معلوم ٿيو، پنهنجي گناهن تي شرمساري ٿي، منهنجي اکين تان غفلت جو پردو هٽي ويو، دِل جي حالت بدلجي وئي، جيئن ته مان گناهن کان دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ زندگي گذارڻ لڳس.

| | |
|---|---|
| دل کی کالک دُھلے مرضِ عصیاں ٹلے | آؤ سب چل پڑیں قافلے میں چلو |
| کر سفر آئیں گے، تو سُدھر جائیں گے | اب نہ سستی کریں، قافلے میں چلو[1] |

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعدو موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي:

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:669-672۔

*Madani Qaidah* (مدني قاعده). هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي مدني قاعدو پڙهي، هن جي مشق ڪري بنيادي تجويد سکي سگهجي ٿي. پنهنجي اسمارٽ فُون ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو! پاڻ بہ فائدو ڪٽو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاھ نبوت صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اُهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسواڪ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ:❶: ٻہ رڪعتون مِسواڪ ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي.[2] ❷:مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪيو ڇوتہ هن ۾ وات جي صفائي ۽ الله پاڪ جي رِضا جو سبب آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! ❁ حُضُور نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هر رات ڪيئي ڀيرا مسواڪ ڪندا هئا، هر ڀيري سمهڻ مهل بہ ۽ بيدار ٿيڻ وقت بہ ❁ بغير چڱي نيت جي مِسواڪ ڪرڻ سان طَبعي فائدا تہ حاصِل ٿيندا پر ثواب نہ ملندو، مثلاً

---

1 ... مشکوٰة،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔
2 ... اَلتَّرغِیْب وَالتَّرہِیب، کتاب: الطہارة، الترغیب فی السواک، صفحہ:86، حديث:18۔
3 ... مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:438، حديث:5869۔

وُضُو جي لاءِ مِسواڪ ڪرڻو هجي تہ هيئن تي نيتون ڪريو: رِضاءِ الٰهي، سُنت جي ادائيگي ۽ ذِڪر و دُرُود جي لاءِ وات کي پاڪيزه ڪرڻ جي غرض سان مِسواڪ ڪندس ❁ مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم کائي ٿو ان کي ڪلمو نصيب نہ ٿيندو ❁ حضرتِ سيدُنا عبد الله ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْھُمَا کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏهہ خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، مسواڪ ڪرڻ واري کان فرشتا خوش ٿين ٿا، مسواڪ ڪرڻ واري کان ربّ راضي ٿئي ٿو، مسواڪ نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. ❁ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪڻو جو چيچ ان جي هينان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي ❁ مسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.[1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي "بهارِ شريعت" جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]... 550 سنتیں اور آداب، صفحہ:47-50۔